یوسف شاهين

# ’شاهہ جو ڪيڏارو‘: ڪي تاريخي حقيقتون


**_Abstract:_**

*Chanasser, claimant to the throne of Sindh approached Ala-ud-din Khilji - the most despotic and powerful ruler of India (1296 to 1316). He made complaints against his younger brother Dodo, then the ruler of Sindh. Ala-ud-din prepared to conquer Sindh for Chanasser, as his subordinate. He arrived with a large force supported by a great fleet of eliphants. During the bloody war, Dodo was killed along with his major part of Sindhi forces and Sindh was harshly ravaged. After the war, Ala-ud-din asked Chanasser to hand over his sister Baaghi. But all the royal women folk were already sent to Abro - the ruler of Kutch as "Saam"(shelter). Allauddin Khilji in retaliation turned to Kutch, killed the ruler of Kutch, burnt his palace to ashes. All its inhabitants, including Baaghi were burnt to death. The greatest poet of Sindh, Shah Abdul Latif Bhittai recorded this tragic historic event in his poetry under the Sur "Bilawal." The author of this article is of the opinion that half of the Baet of Sur "Bilawal" are included in the Sur "Kedaro. We leave up to the readers to decide.*


١٢٩٦ع ۾ هندستان جي بادشاهہ جلال الدين خلجيءَ پنهنجي ڀائيٽي ۽ ناٺيءَ علاؤالدين خلجيءَ کي دکن جا علائقا فتح ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جنهن تي هن عمل ڪيو. واپسيءَ تي علاؤالدين پاڻ سان تمام گهڻو مال دولت، سون، چانديءَ، هيرا ۽ جواهرات ڪٽي آيو. ان سان گڏ شڪست کاڌل قومن جا جوان مرد، عورتون، هزارين هاٿي ۽ گهوڙا بہ آندائين. اهڙي خوشيءَ جي موقعي تي جڏهن بادشاهہ جلال الدين ڏاڍي ڀاڀوه مان پنهنجي ناٺي علاؤالدين خلجيءَ سان وڏا ڀاڪر پائي مليو، تہ ان وقت علاؤالدين خنجر وهائي پنهنجي سهري جو پيٽ ڦاڙي وڌو. هن جا آنڊا گُجيون ٻاهر لٽڪڻ لڳا ۽ هو پَٽ تي ڪري پيو. ان حالت ۾ علاؤالدين پنهنجي چاچي جو سِرُ تَنَ کان ڌارَ ڪري، نيزي تي اُڀو ڪيو.[۱] پوءِ هر طرف کان علاؤالدين بادشاهہ سلامت جا نعرا بلند ٿيڻ لڳا. علاؤالدين جلال الدين جي ٻن پٽن رڪن الدين ۽ عرقِ عليءَ جون اکيون لوهي گرم سيخن سان ڪڍائي ڇڏيون. عرقِ علي جا ٻہ معصوم پٽ بہ قتل ڪيا ويا. ان سان گڏ جلال الدين جي هڪ ٻئي ناٺي الغ خان کي بہ انڌو ڪيو ويو تہ جيئن آئنده تخت جو ڪوبہ دعويدار نہ ٿي سگهي. جلال الدين جي زال،جيڪا علاؤالدين جي سَسُ هئي، ان کي گهلي، اذيتون ڏيئي قيد ۾ وڌو ويو. ڪجهہ عرصو اڳ جلال الدين بادشاهہ دهليءَ جي هڪ محلي ’مغل پوره‘ ۾ ٽيهہ هزار مغل يا منگول آباد ڪيا هئا. علاؤالدين انهن سڀنيءَ کي هڪ ڏينهن اندر قتل ڪرائي ڇڏيو.[۲]





علاؤالدين ۽ جلال الدين ٻئي افغاني هئا. جيڪي افغانستان جي هڪ آبادي ’قلعِ خلجي‘ جا رهاڪو هئا. ان نالي جي نسبت سان هي پاڻ کي ’خلجي‘ سڏائڻ لڳا. اهي خلجي ۽ ٻيا هزارين افغاني هندستان ۾ ’غلام خاندان‘ جا ملازم ٿيا. جلال الدين خلجِي، غلام خاندان جي آخري بادشاهہ معز الدين قيقباد کي ١٢٩٠ع ۾ قتل ڪري دهليءَ جي تخت تي قبضو ڪيو.[۳] بادشاهہ قيقباد جو لاش جمنا نديءَ ۾ اڇلايو ويو.[۴] بهرحال، علاؤالدين خلجي هندستان جو بادشاهہ ٿيڻ کان پوءِ ’فتوحات‘ لاءِ وڏي پيماني تي تياري ڪئي. هن ملڪ ڪافور کي فوج جو ڪماندر ٺاهيو، جيڪو علاؤالدين گجرات تي حملي دوران ’ڪمپات‘ مان هڪ هزار درهمن ۾ خريد ڪيو هو. ملڪ ڪافور تمام سهڻو ۽ ڳڀرو جوان هو، جنهن سان علاؤالدين جو عشق ٿي ويو.[۵] ملڪ ڪافور تمام تيزيءَ سان هندستان جا وسيع علائقا فتح ڪيا، جن ۾ ديوگري، ورنگل، رمپور، چتور ڳڙهہ، مانڊو ۽ ٻيون ڪيتريون ئي رياستون شامل هيون. ورنگل رياست مان ملڪ ڪافور کي دنيا جو سڀ کان قيمتي هيرو ’ڪوه نور‘ هٿ چڙهيو. گجرات تي حملي وقت اتي جو راجا ڪرن راءِ جان بچائي، پنهنجي جوان ڌيءَ کي ساڻ ڪري، ڪنهن محفوظ هنڌ ڏانهن ڀڄي ويو. پويان راجا جي خوبصورت زال ڪملا ديوي رهجي ويئي، جيڪا علاؤالدين کي هٿ چڙهي. ساڳيءَ ريت چتور قلعي تي قبضي دوران علاؤالدين هتي جي راجا راڻا رتن سين کي قتل ڪري ڇڏيو. هن جي زال پدمڻي محل ۾ موجود هئي، جنهن جي حُسن جي هاڪ هنڌين ماڳين هئي. علاؤالدين راڻي پدمڻيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍا وَس ڪيا، پر راڻي پدمڻي ’ستيءَ‘ جي رسم ادا ڪندي، باهہ ۾ جيئري سڙي خاڪ ٿي ويئي. هن سان گڏ سوين ٻيون شهزاديون، فوجي ڪماندرن ۽ اميرن جون زالون بہ ستي ٿيون. اهي پنهنجن معصومن ٻارن، ڌيئرن پُٽن سميت باهہ ۾ جيئري ٽپي پيون ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پسم ٿي ويون. انهن سڀني عورتن جا مڙس خلجي فوجن سان وڙهندي مارجي چڪا هئا.[٦]

علاؤالدين جي ڏينهن ۾، منگولن هندستان تي ڪيترائي خوفناڪ حملا ڪيا، اهي لکن جي تعداد ۾ پنجاب جا زرخيز علائقا پيليندي، قتل و غارت ڪندي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دهليءَ تي هَلان ڪندا هئا. انهن سينيءَ کي علاؤالدين ڏاڍي بيدرديءَ سان ماري ڀڄايو، ١٢٩٨ع ۾ منگولن قطلغ خان جي اڳواٽيءَ ۾ دهليءَ تي ڪاهه ڪئي، جيڪو فيصلا ڪن معرڪو هو. قطلغ پاڻ سان لکين منگول ڪٺي آيو. جواب ۾ علاؤالدين خلجيءَ ٿي لک فوج ۽ ٢،٧٠٠ هاٿي ميدان تي لاٿا. فوج جي ڪماند علاؤالدين جو جرنيل ظفر خان ڪري رهيو هو. ان جنگ ۾ منگولن جا اڻ ڳاڻيٽا فوجي قتل ٿي ويا. نيٺ، هنن ڀڄي جان ڇڏائي. (٧) شايد هي اهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن سنڌ ۾ سومرا خاندان جا ٻه ڀائر دودو ۽ چنيسر پنهنجي پيءُ عفيف جي وفات کان پوءِ تخت حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهي پيا. غلطيءَ جي شروعات ان وقت ٿي، جڏهن سومرن جي شاهي خاندان جي وڏي پُٽ چنيسر بدران ننڍي پٽ دودي کي تخت تي وهاريو ويو. چنيسر آپي کان ٻاهر نڪري ويو ۽ هو اهڙي شڪايت ڪٺي دهليءَ پهچي ويو، جتي هن جي علاؤالدين خلجيءَ سان ملاقات ڪرائي وئي. جڻ ته پڪي پاڻ اُڏامي شڪاريءَ جي ور چڙهي ويو. علاؤالدين چنيسر جو داستان ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هن چنيسر کي فوجي مدد ڏيڻ جي آڇ ڪئي. اهڙيءَ ريت علاؤالدين جون فوجون ظفر خان سالار جي اڳواٽيءَ هيٺ سنڌ ڏانهن وڌڻ لڳيون. چنيسر انهن جي پناهه ۾ هو. انهن فوجن جي منزل 'محمد طور' هئي، جيڪو سومرن جي گاديءَ جو هنڌ هو. اهو بدين ۾ جاتيءَ کان اٺ ڪلوميٽر پري آهي. ٻئي طرف جڏهن دودي بادشاهه کي ان حملي جي خبر پيئي، ته سنڌ جون فوجون ۽ عام ماڻهن جي وڏي آبادي ميدان تي لهي آئي. نيٺ گاديءَ واري شهر کان ڪجهه فاصلي تي 'ويرواهه' وٽ وڏي جنگ لڳي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا ڳاڻيٽي کان ٻاهر ماڻهو مارجي ويا. آخر دودو بادشاهه به وڙهندي شهيد ٿي ويو. ان سان گڏ سنڌ جا ڪيترائي امير به قتل ٿيا. سنڌي فوج جو ڪماندر 'ننگر' ۽ چنيسر جا ٻه پٽ به وڙهندي جنگ جي ميدان ۾ جان وڃائي ويٺا. سنڌ جون فوجون هارائي ويون. (٨) چنيسر لاءِ سنڌ جو بادشاهه ٿيڻ جا نعرا بلند ٿيڻ لڳا. ان موقعي تي خلجي ڪماندر چنيسر کان سندس ڀيڻ ٻاگهيءَ جي ٻانهن علاؤالدين خلجيءَ لاءِ گُهري، پوءِ خلجي فوجون، چنيسر کي ساڻ ڪري، گاديءَ واري شهر 'محمد طور' ڏانهن وڌڻ لڳيون. جڏهن اها خبر ڪڇ جي راڻي سمي ابڙي کي پيئي، جيڪو سومرن جو پَڳَ مٽ يار هو ۽ اُتي اڳيئي موجود هو، ان خوفناڪ صورتحال کي سمجهندي، سومرا خاندان جون عورتون، ٻار ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي 'سامَ' طور پاڻ سان ڪٺي ڪڇ روانو ٿي ويو. انهن ۾ دودي ۽ چنيسر جي ڀيڻ 'ٻاگهي' به شامل





هئي. وڃڻ وقت سمي ابڙي عهد ڪيو ته، هو جان قربان ڪري ڇڏيندو، پر سومرن جون نياڻيون ڪنهن به حالت ۾ خلجي فوجن جي حوالي نه ڪندو. جڏهن خلجي فوجن کي اهڙي خبر ملي، ته اهي پيرا ڪٺي ڪڇ ڏانهن روانيون ٿيون. نيٺ، سمي ابڙي ۽ خلجي فوجن ۾ خونريز ٽڪراءُ ٿيو، جنهن ۾ سمو ابڙو پنهنجي پٽ محمد سميت شهيد ٿي ويو. ان ئي مهل ڪا وڏي باهه سمي ابڙي جي محل کي وڪوڙي ويئي. جنهن ۾ سڀ سومريون، ننڍا وڏا ٻار سڙي، خاڪ سان ملي ويا. خلجي فوجون پري کان فقط اهڙو نظارو ڏسي سگهيون. هنن کي ڪجهه به هٿ نه چڙهيو. (٩) اهو 'قضيه سنڌ' شاهه لطيف قلمبند ڪيو، جنهن کي 'سنڌ جو ڪيڏارو' به چئي سگهجي ٿو. ان سُر جا بيت هن وقت 'سُر بلاول' ۽ 'سُر ڪيڏارو' ۾ ملن ٿا. انهن ۾ شاهه لطيف علاؤالدين خلجيءَ جي هاٿين، ڪڇ ڌڻي سمي ابڙي ۽ جڪري جو خاص طور ذڪر ڪيو آهي. سڀ کان اول شاهه لطيف علاؤالدين جي هاٿين بابت هن ريت لکي ٿو:

علاؤالدين آئيو، تنهنجي هاٿيءَ جي هاڪ هئي،
ڀڳو ڪوٽ ڪفار جو، پيئي ڀَڄُ ڀئي،
آرڻ ٻَڌي ابڙي، ٿي رڻَ ۾ رُڪَ رئي،
تيغُن تاءُ تڪو گهڻو، سگهي ڪونه سهي،
'رب هَب لي اُمتي' چڙهيو ڄامُ چئي،
سمي سام ڪنئي، سَرڻين جو سُڪُ ٿئو.

علاؤالدين آئيو، ڪٺي ڇل ڇڳير،
ڪنهين ڪين همٿيو، ڪانُ جهليندو ڪير،
سومرين سام ڪنئي، ابڙي ڪيو اٺ پير،
هو مهاين مير، پر مستوراتين ماريو.

علاؤالدين کان پوءِ، شاهه لطيف ڪڇ ڌڻي سمي ابڙي لاءِ بيت لکيا آهن، جنهن سومرا خاندان جي نياڻين جي سامَ جهلي ۽ انهن کي خلجي فوجن کان بچائيندي شهيد ٿي ويو. شاهه سمي ابڙي لاءِ هن ريت لکي ٿو:

سَما، تو سِر ڄَٽَ، نه ته پاڳارا پرُس ٻيا،
تن سَرڻِين ٿيا سُکَ، جي اجهي آيون ابڙي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ابـڙو وڏ وَڙو، سـمـو، سـونـهـن سـيـن،
تنهن در سپ اچن، ڪنڌ نہ ڪڏي ڪچ ڏٽي.

سَـرڙيـن جي سڪ لـئہ، سامَ ڪـنـئي سـردار،
جي آيون ابڙي جي آڏارَ، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون.

ابـڙو آڳـاهـن ۾، پَـرَ جـهـلـو بـاري.
ابـڙو آڳـاهـن ۾، سَـيَـرُ جـيـئـن ٻـيـلـي.

تـون اوڍر، تـون اوڏڪو، تـون اَجهو، تـون آڳ،
هِت پڻ تنهنجو تڪيو، مَهندَ پڻ تونهين ماڳ،
سي لوريون ڏين نہ لاڳُ، جي اَجهي آيون ابڙي.

سُر بلاول ۾ شاهہ لطيف جکري لاءِ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. ان شخص جي تاريخ بابت ڪوشش ڪرڻ جي باوجود، ڪا بہ مناسب معلومات نہ ملي سگهي. ٿي سگهي ٿو تہ، جکرو سومرن جو ڏاهو وزير يا صلاحڪار هجي، جنهن علاؤالدين جي حملي وقت ڪي غيرمعمولي ڪارناما سرانجام ڏنا هجن، ان ڪري ئي شاهہ لطيف جکري لاءِ غير معمولي سٽون لکيون:

جکرو جوڙي، پاڻ ڏٽي پيدا ڪيو
جکرا! جيئين شال، تنهنجو ڪنين مَدو مَ سُٽان
جکرو جَسَ ڪرو، ٻيا مڙئي ملهَ
ٻيا دَرَ وسريام، ڏٺي جادمَ جکري
ڏمرجي تہ بہ ڏي، پرچي تہ پاٽَ پري
جُنگ جکري ڪي، ٻئي چگَيون چِت ۾

هيٺ سُرَ بلاول جا ٽي داستان ڏجن ٿا: چوٿون ۽ آخري داستان جو هن واقعي سان ڪو بہ تعلق ناهي.(١٠)





## داستان پهريون

(١)

وسهہ انهين ويڻ ڪي، جئن دعوت ڪيئي داتا،
مضـمـضـه واتـا، وجـهـہ تـہ ڏيـئـي وات ۾.

(٢)

ڪڏي گهل گهران، صلح ڪر سُلطان سين،
تـہ تـون تـنـهـن دران، ڏيـهـاڙي ڏان لـهـيـن.

(٣)

پـي مَ طـهـورا، وانءُ اورانـگـهـي اوريـان،
وچـان جـي وصـال ڪـي، سـي سـپ اجـورا،
حـاصـل حضـورا، سـمـي جـي سـپ ٿـئـي.

(٤)

سمـا! تـو سـر چـٽ، نـہ تـہ پـاڳـارا پـرس ٻـيـا،
ڳـهـڻ! تـنـهـنـجـي ڳـچـڙي، اچـي جـال جـڳـٽ،
جـن جـيـهـائـي پـٽ، تـن تـيـهـائـي ٻـڪـيـا.

(٥)

پيريـون پيـري پيـچ، هـي جـي منـجـهان پـوريـون،
ٻئي در ڪنهين مَ وڃ، ري هاشميءَ هيڪڙي.

(٦)

سـمـو تـن سـڌ ڪـري، جـن تـي وڏو ويـر،
اٿـي تـہ آجـي ٿـيـان، پـائـي پـاڪـوڙي پـيـر،
تـو ريءَ ٻيـو ڪـيـر، سرڙين جا سوٿا سهي؟

(٧)

سـرڙيـن جـا سـوٿـا سـهـي، وسـيـلـو ولـهـن،
لـڏي ڪـيـن لـطـيـف چـئـي، اڳـيـان لال لـڪـن،
جت ڪـوڙيـن ڪـيـن ڪـچـن، ات پـاٻـوهـي پـڏرو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(٨)

جوچليون پسي نہ چڪيو، تنهن واڪاٽيو وِڪ،
لڏي ڪين، لطيف چي، لکن اڳيان لَک،
پير نہ موڙي پانهنجو، تڪيءَ پئجي تڪ،
سرٽين ڏئي سک، هڪل سين هالار ڏٽي.

(٩)

تڙ تڙ ڪيم ترس، سر نهارج سيرو،
ڏينديءَ لک، لطيف چئي، راڄ راهوءِ جي رس،
ولها جنهن ونهيا ڪيا، پاڳ تنهنجي پس،
ڪوڙين لاهي ڪس، جي ڳالهائي ڳاٽ ڪٽي.

(١٠)

آروڙجي اٿيو، ديمن وڏائين دڪ،
لاٿائين، لطيف چي، عالم تان اهڪ،
تن سرٽين ٿيا سُک، جي اڃهي آيون ابڙي.

(١١)

آروڙجي اُٿيو، ديمن وڏائين دانهن،
پاٻوهيو پير ڪٽي، سمو سرٽين ڏانهن،
مٿان مٿي ٻانهن، اُيو آڇي سُلطان ڪي.

(١٢)

علاؤالدين آئيو، تنهن جي هاٿيءَ جي هاڪ هئي،
يڳو ڪوٽ ڪفار جو، پيئي پڄ پئي،
آرڻ ٻڌي ابڙي، ٿي رڻ ۾ رڪ رئي،
تيغين تاءُ تڪو گهٽو، سگهي ڪونہ سهي،
’رب هب لي امتي‘ چڙهيو ڄام چئي،
سمي سام ڪنئي، سرٽين جو سک ٿيو.

(١٣)

علاؤالدين آئيو، ڪٽي چل چڳير،





کهين ڪين همتيو، ڪان جهليندو ڪير؟
سومرين سام ڪنئي، ابڙي ڪيو اٿ پير،
هو مهاين مير، پر مستوراتن ماريو.

(١٤)

سرٽين جي سک لئي، سام ڪنئي سردار،
جي آيون ابڙي جي آڌار، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون.

(١٥)

ٻين مڙني ڏنيون، ڏئي نہ ڏونگر راءُ،
اڻ ڏنين آڏو ڦري، ڏني ڏئي ڪئاءُ،
لوريون لک مٿاءُ، ان مٿيري موٿائيون.

(١٦)

ابڙو آڳاهن ۾، پر جهلو پاري،
سمي سوالين ڪي، ويل وساري،
منهن مني جڪرو، طامائن تاري،
پڇي سي پاري، جي عاجز اجورن ۾.

(١٧)

ابڙو آڳاهن ۾، سير جئن ٻيلي،
سي پٽ ڪنهن نہ پوريا، جي ٿو پڙ پيلي،
سڄڻ سانوڻ مينهن جئن، رڄون ٿو ريلي،
اڇن جي ويلي، تن بور بخشي پٽ ڏٽي.

(١٨)

ابڙو وڏ وڙو، سوڙو، سمو، سونهن سين،
تنهن در سپ اڇن، ڪنڌ نہ ڪڏي ڪڇ ڏٽي.

(١٩)

پڙ ۾ ايو پاڻ، ساٽيئڙن سڌ ڪري،
پلي جي لاڏاڻ، سپ لنگهيندا لڪيون.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## داستان ٻيو

(١)

جڪرو جوڙي، پاڻ ڏٽيءِ پيدا ڪيو،
ڪيهر جئن ڪر ڪٽي، مڇون ملهه موڙي،
سمونڊ جئن سير ڪيو، ٿو ٻار جئن ٻوڙي،
گهوٽ چڙهيو گهوڙي، پيچين لائي پيچرا.

(٢)

جڪرا! جيين شال، تنهنجو ڪنين مَدو مَ سڻان،
جيئن تو اچي ڪال، نالائق نوازيا.

(٣)

جڪرو جس ڪرو، ٻيا مڙئي مَلهه،
سمي جي سهاڳ جي، ڪنهين نہ پوي ڪل،
مٿي اُن مرسل، اصل هُئي ايتري.

(٤)

جڪرو جس ڪرو، ٻيا سپ انيرا،
جيائين جڙيو جڪرو، تيائين نہ ٻيا،
مٿي تنهن ماڳا، اصل هئي ايتري.

(٥)

ڏٿي جادم جڪري، چت نہ ٻيا چڙهن،
تہ ڪي ڪوه ڪڇن، جہ سر ليي سيرو؟

(٦)

هٿان جادم جڪري، وٿي وچ مَ پوءِ،
پي پي سو پر ٿيو، جو حاتم پاسي هوءِ،
ڪيف ڏاران ڪوءِ، جئي ڪو مَ جهان ۾.

(٧)

هٿان جادم جڪري، وٿيءَ پوءِ مَ وچ،
’اچو! آيا نچ!‘ سمي وائي وات ۾.





(٨)

راهوءَ جا رهيام، سنيها سرير ۾،
ٻيا در وسريام، ڏٿي جادم جڪري.

(٩)

راهوءِ تنهنجي ريت، پرڪندين پڌري،
گهٽا گهوڙن چاڙهيئي، مسافر مسيت،
پچين ڪانہ وڏيت، جي آيا سي اَگهيا.

(١٠)

جڪري جهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهه ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
’فڪان قاب قوسين او ادنيٰ‘، اي ميسر ٿيس مڪان،
اي آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم ههڙو.

(١١)

سَمو سوائي، ٻهون ٻينئان اَڳرو،
دانهہَ جي دربار ۾، ورتي اي وائي،
ڳهڻ ڳالهائي، مهڻ سپ ملهائيا.

(١٢)

جيهس ڪونہَ جهان ۾، هِندُ، سنڌ، سورت هاڻِ،
دَرِ داتا مڱ مڱٽا، ٻئي جي ڪڍ مَ ڪاڻ،
پاٿوندر پاڻ، حال پسي پال ڪري.

(١٣)

ڪري آس اَپار، پاريءَ جهليو نہ رهي،
ٻيلي ۾ گرنار، اُتو گنگا جرُ جڪرو.

(١٤)

پيهي پن پاتار ۾، جت ڳڙهہ گنگا جر راءُ،
ڇڏي حيلا هِن هنڌ جا، انهي جڪري پاسي جاءُ،
اوڏو ٿي الله ڪي، ڪاڄ تنهين جو ڪاءُ،
سڪن ايندءِ ساءُ، ويلهہ ويندءِ وسري.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(١٥)

ڏمريو تہ ڏي، پرچيو تان پاٽ پري،
جَنگ جکري کي، ٻئي چگّيون چت ۾.

## داستان ٽيون

(١)

ليبي لعنتيءِ کي، جو آٽيءَ ۾ آهي،
اَنڌو مون عليل سين، سينو ٿو ساهي،
علي شاهہ اچيج تون، تنهن ڪافر تي ڪاهي،
لٽي وجهہ لاهي، مٿو مجوسيءَ جو.

(٢)

مار مَر مطيعل کي، مجوسيءَ کي مار،
وڏي جنگ مَر وسار، ننڍيان نفعو ناهِ ڪو.

(٣)

ننڍئان نفعو ناهِ ڪو، وڏي مَر وساري،
مجوسي ماري، اڪبر ڏي اچيج تون.

(٤)

اصغر ڏي آهن گهٽا، تون اڪبر ڏي آءُ،
متان لوڙو لاهيين، مجوسيءَ مٿاءُ،
حيدر جي هٿاءُ، وڙهہ تہ ويري مارئين.

(٥)

پاندپ سين نہ پاڙيان، سوين ٻيا سردار،
آهي مثل مينهن جي، سخي تنهنجي سار،
حاتم هزده هزار، جهڙ تنهنجي جهپيا.

(٦)

جهڙ تنهنجي جهپيا، هزارين حاتم،
ڪوجهن سندا ڪم، ڪامل ري ڪير ڪري؟





(٧)

جي تون آساتو آئين، تہ ونءُ جکري لائي،
متان وڙ وجائيين، ڪنهن ٻئي در ليلائي،
سمي سامائي، چنتا لٿي چارٽين.

(٨)

جي تون آساتو آئين، تہ چانئٺ ٻي مَر چور،
ڪيرا مڱتن جان، ڪٽي آٽي ڪوڙ،
اُن در عراقي گهٽا، چانگّون ڪيو چوڙ،
تنهن سيد وڏي سوڙ، جنهن ۾ مٿو هٽن مڱّٽا.

(٩)

سمو سخاوت جي، ويٺو پڇي پر،
ڪوٺيو ڪنگالن کي، ڏئي دلاسا درِ،
مٿي ولهن ور، ڏيهاٽي ڏاتار جي.

(١٠)

ڪوهہ نہ جُهاريين جکرو، جنهن ڏيهہ ڊيا ڏيئي؟
جي لڏيا ٿي لينگهن ۾، سالن ۾ سيئي،
سمي سيپيئي، طاماعو تارِ ڪيا.

(١١)

الا! جُنگ جينِ، جنين اجهي گهاريان،
شال مَر سکي ويئري، جئان پي پين،
مرڪڻ! اڪڙين، تو ڏني مون سک ٿئي.

(١٢)

ايندي لٿي اڄ، پير پيريندي نريا،
منجهہ ويئريءَ سڄ، ڪر لڏي رڻ اڪارين.

(١٣)

تون اوڊر، تون اوڊڪو، تون اجهو، تون آڳ،
هٿ پڻ تنهنجو تکيو، مهند پڻ تونهين ماڳ،
سي لوريون ڏين نہ لاڳ، جي اجهي آيون ابڙي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(١٤)

اکين سوئي اوڙکيو، جو ڪنين سومِ ڪرن،
ماءُ منهنجو من، چام پسنديئي پتيو.

(١٥)

پسنديئي پر ٿيا، جڪرو ئي جاجڪ،
تئان ڏني مگڻي، طهورا جي تڪ،
سمي پڳينِ سڪ، واصل ٿيا وصال ۾..

(١٦)

جي اڏميو اڄ، تہ وسندو سون سنگ،
جال ڏئيندو جنگ، جڳ ڏئيندو جڪرو.

سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن ’شاهہ جو رسالو‘ ترتيب ڏيڻ وقت ’سُر بلاول‘ بابت ڄاڻايو آهي تہ اهو سنڌ جو پهريون ’قصيدو‘ آهي. جڏهن تہ اهو قصيدو نہ بلڪ ’قضيئہ سنڌ‘ بابت ’ڪيڏارو‘ لکيل آهي. اهو سُر ڏيان سان پڙهڻ وقت معلوم ٿيندو تہ شاهہ جي اِها شروعاتي شاعري هئي، جنهن ۾ علاؤالدين خلجيءَ جي سنڌ تي ڪاهہ بابت احوال قلمبند ڪيل آهي. جنگ دؤران سمي ابڙي ۽ جڪري جو ڪردار شاندار هو. ان ڪري شاهہ خصوصي طور بيتن ۾ انهن جو ذڪر ڪيو آهي.

آئون ان سُر کي شاهہ جي شروعاتي شاعري ان ڪري چوان ٿو تہ، سُر بلاول جي بيتن ۾ اها رواني ۽ پختگي ناهي، جيڪا شاهہ جي ٻين سُرن ۾ ملي ٿي، جهڙوڪ سُر مارئي، سُر سهڻي وغيره، دراصل، بيت لکڻ لاءِ شاهہ پاڻ تمام ڏکيو معيار مقرر ڪيو. بيت جو گهاڙيٽو، بيت جي ڪٽٽي، ڇڏٽي، مقرر ماترائون ۽ حرف تجنيس جو لازمي استعمال، شاهہ جا پنهنجا مشڪل ترين معيار آهن.

حيرانگي اها آهي تہ، شاهہ لطيف کي خاص طور سُر بلاول بيحد پسند هو. پِٽَ تي جيڪو سماعُ ٿيندو هو، جنهن ۾ شاهہ لطيف پاڻ بہ شريڪ ٿيندو هو، ان سماعَ جي ابتدا سُر بلاول جا بيت پڙهڻ سان ڪئي ويندي هئي. شاهہ کان پوءِ سماعَ جو اهو سلسلو ٢٦٤ سالن کان ويندي اڄ تائين جاري آهي. جنهن ۾ سُر بلاول لازمي طور پڙهيو وڃي ٿو. ويجهڙائيءَ ۾ اُن سُر کان علاوه سُر سِري راڳ، سُر سامونڊي ۽ سُر سورٺ جا ڪجهہ بيت شامل ڪيا ويا آهن.





هيٺ سُر بلاول جا چوند بيت ڏجن ٿا، جيڪي دراصل ’قضيئہ سنڌ‘ بابت لکيل آهن. انهن بيتن ۾ علاؤالدين خلجي، سمي ابڙي ۽ جڪري جو خصوصي طور ذڪر ملي ٿو. جڏهن سنڌ جون فوجون علاؤالدين جي فوجن هٿان هارائي ويون، ان مهل سمو ابڙو سومرا خاندان جون نياڻيون، عورتون، ننڍا ٻار ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي حفاظت طور ڪڇ ڏانهن ’سام‘ طور ڪٺي ويو. سنڌ جو بادشاهہ دودو شهيد ٿي ويو. سُر بلاول يا ’قضيئہ سنڌ‘ جا ڪيترائي بيت هن وقت ’سُر ڪيڏارو‘ ۾ شامل ڪيل آهن. انهن بيتن ۾ هاٿين جو ذڪر آهي، پاڄوڪڙ فوجن جو ذڪر آهي، انهن بهادر جوانن جو ذڪر ملي ٿو، جن لاءِ جنگ جي ميدان مان موٽڻ مهڻو هو، جيڪي جنگ دؤران پُٺ ۾ ڌَڪَ سهڻ بدران هَلان ڪندڙن کي مُنهن مقابل ٿين ٿا، اهڙن جوڌن جون زالون سندن مُنهن سيڪيندي فخر محسوس ڪن ٿيون. واضح رهي تہ قضيئہ ڪربلا دوران حضرت امام حسين جي ٧٢ ساٿين مان ڪوبہ نہ پڳو ۽ نہ ئي ڪربلا جي ميدان تي يزيد هاٿي چاڙهيا. سُر ڪيڏارو ۾ هيٺ ڏنل بيت ’سُر بلاول‘ يا ’سُر قضيئہ سنڌ‘ جا آهن.

**ڪيڏارو ۾ هاٿيءَ جو ذڪر:**

ڏٺو ڪالهہ ڪنهين، جهونجهارڪو جهڳڙو،
هاٿين هَڏَ مُڇائيا، ريلو رت نئين،
پانيئن سا سنئين، جٺان جيءُ جوکو ٿئي.

**پاڄوڪڙ فوجن جو ذڪر:**

پڄي آئين، پَڄٽا، لڄائيي مون يارَ،
وينيون کن ڪُوارَ، مُنهن مٿانهان جن جا.

پڄي آئين، پڄٽا، لڄائيي مون سيڻَ،
وينيون وجهن وِڻَ، مُنهن مٿانهان جن جا.

**مُنهن مقابل ٿيندڙ جوڌا:**

’پَڳو‘ آئون نہ چئان، ’مارئو‘ تَہ وسهان،
ڪانڌَ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان،
تہ پڻ لڄ مران، جي هونس پُٺ ۾.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان ايءُ مرڪ،
وجهن تان نہ فرق، رُڪَ وهنديءَ راند ۾.

ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙندي ڇڏيا،
ڪارا ڪند هٿن ۾، اڙل وڇيرا هيٺ،
ٿي تنين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين مهٽو.

آيا اُجارين تَنڪ، تراريون تيئرا،
سانگيون ساٽن هٿ ۾، ڪُلهنئون نہ لاهين،
اُپائي آهين، مُهائي مرڻ تي.

ٻهادر گڏيا ٻهادرين، ڪڙڳ ڪلول ڪن،
وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارين هٽن،
ڪرن، ڪنڌ نچن، رڻ گجيو، راڙو ٿيو.

هوڏانهن هن هاڪاريو، هيڏانهن هي هَٽن،
سرنايون ۽ سنڌڙا، ٻنهي پار ٻُرن،
گهوٽن ۽ گهوڙن، رِڻ ۾ لائون لڏيون.

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رِڻَ جا.

جهمنديون اچن، جهوليون جهونجهارن جون،
پايو ٻُڪَ ٻُهار جا، اُن جون وهون واڪا ڪن،
پٽين پارَ ڪدين، رڻُ گجيو، راڙو ٿيو.

ڪانڌ ڪلاڙين ڪپڙين، ور! وناهيو آءُ،
جِت سانگين جي سٽ وهي، اُت وک وڌندي پاءِ،
تان تان پَئُ مَ پاءِ، جان جان لونڊين نہ چڙهين.





مُنهن مٿانهان جن جا، سي پٽيو ڪدن پار،
جيڏيون! هن جونجهار، اُجاري سڀ اڇا ڪيا.
ڪلي وير ڪٽڪ ۾، پاڪر جو پائي،
اَڃا اُن ڪي جيئڻ جو، آسانگو آهي،
سورهيہ سو چائي، جو رُڳوئي رِڻ گهڙي.

سورهيہ مرين سوپ ڪي، تہ دل جا وَهم وِسار،
هَڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مارِ تہ مٿارو ٿيين.
چار تراريون ڇيلهہ سين، ٻڌي ٻہ پاڳون،
اَڳين جون آڳون، ڪونر ڪِلي موڪيون.

مٿي ڏنل سمورا بيت ’سر بلاول‘ يا ’سُر قضيہ سنڌ‘ جا آهن. انهن کان علاوه باقي بيت سُر ڪيڏاري جا آهن، اُهي يقيني طور شاهہ لطيف جا لکيل آهن. بيت جو گهاڙيٽو، بيت جي ڪٽٽي، ڇڏٽي شاهہ جو پنهنجو نرالو انداز آهي، جيڪو ٻئي ڪنهن شاعر ڪي نصيب نہ ٿي سگهيو.

**Bibliography:**

1. Jackson, Peter (2003). The Delhi Sultanate: A Political and Military History. Cambridge University Press. p. 56. ISBN 978-0-52154-329-3.
2. Majumdar, Ramesh Chandra; Pusalker, A. D.; Majumdar, A. K. (1960). The History and Culture of the Indian People. VI: The Delhi Sultanate. Bombay: Bharatiya Vidya Bhavan. p. 17.
3. V.D. Mahajan (2007). History of medieval India, New Delhi: pp. 121, 122. ISBN 8121903645.
4. Jackson, Peter (2003). The Delhi Sultanate: A Political and Military History. Cambridge University Press. p. 177. ISBN 0521543290.
5. Same-Sex Love in India: Readings from Literature and History, Ruth Vanita and Saleem Kidwai, Palgrave, 2001, p. 132; ISBN 0312293240.
6. "History of Chittorgarh - Rani Padmini". Retrieved 7 March 2012. Sen, Sailendra (2013). A Textbook of Medieval Indian History. Primus Books. p. 83. ISBN 978-9-38060-734-4.
7. Mikaberidze, Alexander (2011). Conflict and Conquest in the Islamic World: A Historical Encyclopedia: p. 62. ISBN 1-5988-4337-0.
8. Book “Dodo-Chanesar” (1976-77) and “Soomran- Jo- Daur” (1980) both by Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch. Printed by Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh.
9. The History of India, as Told by Its Own Historians: The Muhammadan Period ; Henry Miers Elliot, John Dowson; Cambridge University Press, 2013; ISBN 9781108055857.
10. Sha jo Risalo edited by GM Shahwani (2nd Edition, 1960) pp 1291-1300, Sur Bilawal, Printed by Madina Printing Press, Risala Road, Hyderabad.
11. Sha jo Risalo edited by GM Shahwani (2nd Edition, 1960) pp 935-939, Sur Keddaro, Printed by Madina Printing Press, Risala Road, Hyderabad.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair